# ورڻ مالا (اڇيو ڏنا)

| اچار ڪرڻ جو هنڌ | ڪنور يا سخت اکر: اوسرڳ | ڪنور يا سخت اکر: وسرڳ | ڪومل يا نرم اکر: اوسرڳ | ڪومل يا نرم اکر: وسرڳ | ڪومل يا نرم اکر: انسوار يعني نڪ مان اچار وارا | ڪومل يا نرم اکر: اڌ سور يعني نيم علت | ڪومل يا نرم اکر: سور يعني حرف علت | عربي اکر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ |
| ڪنٺ | ڪ | کر | گ (ڳ) | گهہ | ڱ | " | ا، آ | ح، خ، ع، غ، ق |
| تارون | چ | ڇ | ج (ڄ) | جهہ | ڃ | ي | ا، اي | .. |
| ڄيڀ | ٽ | ٺ | ڊ (ڙ) | ڍ | ڻ | ر | | ص، ض، ط، ظ |
| ڏند | ت | ٿ | د (ڏ) | ڌ | ن | ل | " | ث، ذ، ز، (ژ) |
| چپ | پ | ڦ | ب (ٻ) | ڀ | م | و | اُ، اوُ | ف |

نوٽ ـ اي ۽ اَءِ جو اچار تارون ۽ ڪنٺ مان، او ۽ اُو جو اچار جيڀ ۽ ڪنٺ مان گڏجي ڪبو آهي ۽ اهي ٻٽا سور يعني دو علت آهن.

پيرومل مهرچند آڏواڻي

1

# الف بي ڪٿان ٿهي؟

## باب پهريون- اوائلي تواريخ

**ديوناگري اکر-** سنسڪرت ٻوليءَ کي ديوواڻي يعني ديوتائن جي ٻولي چئبو آهي. سنسڪرت ٻوليءَ جي اکرن کي ديوناگري اکر يعني ديوتائن جي نگر (شهر) جا اکر چئبو آهي. هن نالي منجهان ئي ظاهر آهي ته هندو ائين سمجهندا آهن ته ديوناگري اکر ڪنهن به آدم جا ناهيل نه آهن مگر ديوتائن جا جوڙيل آهن ۽ ٻولي ڳالهائڻ جو فن به آڳاٽا آريا لوڪ ديوتائن کان سکيا.

ديوناگري اکر ڪڏهن ٺهيا سو ڪو به ڄڻي ڪين سگهندو، ڇاڪاڻ جو ويدن واري زماني کان اڳ جو احوال اسان وٽ ڪونهي. پراڻن پٽاندر سري ڪرشن جو جنم دواپر جڳ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيو هو ۽ مهاڀارت واري جنگ ڪلجڳ جي شروعات ۾ لڳي هئي. اها ڳالهه عالم آشڪارا آهي ته عيسوي سن کان ٣١٠١ ورهيه اڳي ڪلجڳ شروع ٿيو هو جنهنڪري چئبو ته سري ڪرشن کي اڄ پنجن هزارن کان به ٿورا وڌيڪ سال ٿيا آهن. سري ڪرشن کان گهڻو آڳاٽو سري رامچندر اوتار ٿيو هو ۽ ويد سري رامچندر کان به آڳاٽا آهن. اهڙي حالت ۾

جنھن ته عيسوي سن کان ڪيترا هزار ورهيه اڳ اهي
اکر هئا.

آڳاٽا آريا لوڪ هندستان ۾ گهڙڻ کان جلد ئي
پوءِ گنگا ندي جي دواب وارو طرف ڀاڃي جي سڀنھي
ڪري وڃي والاري ويٺا جنهنڪري جنھن ته اهو دواب
وارو پاسو سنسڪرت ٻولي ۽ ديوناگري اکرن جو ڄمڻ
گهر آهي. آڳاٽا ماڻهو ويدن واري سنسڪرت ڪين
ڳالهائيندا هئا. عام ماڻهو جيڪا سنسڪرت ڳالهائيندا
هئا تنهنجو نالو پراڪرت آهي. پراڪرت ٻولي معنيٰ
پرڪرتي يا قدرت ڀنڊار يعني سڀاويڪ ٻولي ۽
سنسڪرت ٻولي معنيٰ صاف ٿيل ٻولي.

آڳاٽن آريا لوڪن پنجاب جي اتر ڪانوني ٻنارس
۾ گيا تا ۽ پٽ والاريا ته اڄ تائين سنسڪرت ٻولي ۽
ديوناگري اکرن جو واهپو گهڻو آهي. ٻولي ۽ اکرن
جو ڦهلاءُ پوءِ مهاراشٽر، بنگال ۽ مگڌ (بهار) طرف ٿيو ته
مرهٽي، بنگالي ۽ مگڌي ٻوليون ۽ اکر ٿيا. جنھن ٻولي
ويٺي بگڙبي تنھن سنسڪرت لفظن جا جدا جدا هنڌن ۾
ماڻهو جدا جدا اچار ڪرڻ لڳا جنهنڪري پراڪرت جا
گهڻا نمونا ٿيا. وررچي نالي هڪ شخص جنھن پراڪرت
پرڪاش نالي هڪ وياڪرڻ ناهيو آهي سو جوي ٿو ته
جڏهن عيسوي سن شروع ٿيو تڏهن هندستان ۾ چار ٻوليون

چالو هيون. مرهٽي، مگڌي (بهار ملڪ جي ٻولي)، سورسيني ۽ پئشاچي. سورسيني جو ذڪر هندستاني اڪرن جي ذڪر ڪندي ڪبو. پئشاچي ٻولي ٽڪرن جا جهنگلي ۽ ساڃ لوڪ ڳالهائيندا هئا.

جئن وقت ويو گذرندو ۽ ماڻهو نوان نوان ڀت وسائيندا ويا تئن پراڪرت ٻوليون وڌنديون ويئون، تان جو هاڻي سڄي هندستان ۾ اٽڪل ويهارو پراڪرت ٻوليون آهن. هرهڪ ٻولي تي شهرن ۽ ڳوٺن وغيره جا نالا رکيل آهن جن مان اهان سنڌي ماڻهن کي ورچندا پراڪرت جو نالو ياد رکڻ گهرجي جو سنڌي ٻولي انهي مان نڪتي آهي.

**سنڌي اکر** ڏٺا ۽ ٻيا اڻپڙهيل ماڻهو اُچاري ڪان لفظن جا اچار بگيڙين ٿا. هرهڪ پراڪرت ٻولي جا اچار اڻپڙهيل ماڻهن بگيڙيا آهن تنهنڪري "اپڀرنش"* ٻوليون ٿيون آهن.

---

* اپڀرنش ٻولي معنيٰ اها ٻولي جا ماڻهن بگيڙي ڦٽي ڪئي. لفظن جي اڳيان "اپ" آڻبو آهي ته بگڙڻ يا خرابي جي معنيٰ ڏيکاريندو آهي جئن مان معنيٰ عزت ۽ اپمان معنيٰ بي عزتي يا مان جي گهٽتائي (خرابي). سنسڪرت ۾ ڀرنش معنيٰ ڪريل يا اُڇليل.

هرهڪ پراڪرت جي اپڀرنش (بگڙيل) ٻولي آهي.
اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي جيڪڏهن پيڙهي ڇڪبي ته
جڻ ته سنسڪرت انهيءَ جي پڙناني ٿئي، ورچڊا پراڪرت
انهيءَ جي ناني ٿئي ۽ ورچڊا جي اپڀرنش (بگڙيل) ٻولي انهيءَ جي
اسڪي ماءُ ٿئي.

سنڌي ٻولي اصل هندستان جي هڪ اولهين
ٽڪر جي ٻولي آهي تنهنڪري آدمشماريءَ جي رپورٽ
توڙي انسائيڪلوپيڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيو نالو "لهندا"
يعني لهندي يا الهندي جي ٻوليءَ ڄاڻايل آهي. "پنجابي"
يعني وچ پنجاب جي ٻولي ۽ "اپڀرنش" ٻوليءَ تان نڪتي
آهي تنهنڪري پنجابي ۽ سنڌي ٻولين پاڻ ۾ ڀينرون
ڄڻيون. حقيقتون پنجابي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وچ
سرائڪي ٻولي آهي.

اپڀرنش ٻوليءَ مان گجراتي ٻولي به نڪتي آهي، تنهن
ڪري گجراتي ۽ سنڌي پاڻ ۾ ڀائرادريءَ واريون ڄڻيون.
ڏٺ يا ٿرملڪ گجرات جي ڏنگر تي آهي تنهنڪري
ڏاتي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ ۾ گجراتي لفظ گڏي پنهنجي
[illegible] آهي. ڍاٽڪي ٻولي نالي آهي.
[illegible] ڪرت تان نڪتي آهي تنهن
سنڌي [illegible] ڪري اکرن تان نڪتيا آهن.
[illegible] ري جهڙي سنڌي ٻوليءَ جو پنجابي ٻوليءَ سان ناتو آهي
پڻ سنڌي ٻولي سنسڪرت......
سنڌي اک [illegible]

تنهن سنڌي اکرن جو پنجابي اکرن سان واسطو آهي. اڳي پنجابين جي جدا آئيويتا هئي جا ديوناگري اکرن تان نڪتل هئي. جئين وقت ويو گذرندو تئين انهن اکرن جي اهڙي حالت ٿي جو ماترائن گهٽ هئڻ يا اصل نه هئڻ سبب پڙهڻ ۾ گهڻو مونجهارو ٿيندو هو. انهن پنجابي اکرن جو نالو آهي "لنڊا اکر" يعني لُنڊا يا ڇُٽا اکر. اها حقيقت انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ ڄاڻايل آهي. اسان وٽ ٻه جُدا هندو سنڌي اکر هئا آهن: سنڌي ۽ پنجابي ٻولين جو پاڻ ۾ سنبنڌ آهي تڏهن ائين ڄاڻڻ گهرجي ته اسان وٽ جيڪي هاڻ هندو سنڌي اکر آهن سي يا ته اهي ساڳيا آهن جنکي پنجابي "لنڊا اکر" سڏيندا آهن يا انهن پنجابي اکرن جو ڦيرو ڏسي هندو سنڌي اکر ٺاهيا اٿن. هيءَ ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سنڌ جا ڪيترا ماڻهو اصل اچ ۽ ملتان ۽ پنجاب جي ٻين شهرن کان آيا آهن ۽ اڄ تائين حيدرآباد کان وٺي ملتان تائين وڏو شاهي رستو ٺهيل آهي تڏهن هيڪاري ائين وسهڻ لاءِ سبب آهي ته مٿيون قياس پورو آهي.

سنڌ جا هندو توڙي مسلمان اصل اهي هندو سنڌي اکر ڪتب آڻيندا هئا. هندن کان ٻه خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو هو ڇاڪاڻ ته هو چار لڪائون يا ماترائون ڪم آڻيندا هئا.

پائيمد تہ اجتاءِ پٽا اکر لکندا آهن جنهن ڪري اکرن پڙهڻ ۾ گهڻي ڏکيائي ۽ مونجهارو ٿئي ٿو مثلاً گ ۽ ل اکرن جو گڏيل اچار گِلِ، گُلُ، گلا، گيلِ، گاپ، گِلي، گاو، گُلو، گول، گولي، ۽ گولو ٿي سگهي ٿو. اهڙي حالت ۾ ڪي ماڻهو وقتي پنهنجو لکيو پاڻ بہ ڏکيائي سان سمجهي سگهندا آهن.

سنڌ ۾ اوائل کان مقرر ٿيل آئيو پٺا ڪانهي جنهن ڪري اڳي شڪارپور جا ماڻهو سکر جي ماڻهن کان ٿورو ٻيءَ طرح اکر لکندا هئا. ٺٽي جا اهالا وري ٺٽي جي پاڙين کان ٿورو ڦريل نموني جا اکر لکندا هئا. ساڳي طرح ميمڻن ۽ خواجن جي اکرن ۾ ٿورو ٿورو ڦير هو. هاڻ ٿورن سالن کان جيتوڻيڪ لکڻ جو نمونو گهڻن هنڌ ساڳيو آهي تہ بہ ڪن ڪن هنڌن ٿورو تفاوت آهي مثلاً ٺ ۽ ڪ حيدرآباد جا پائيمد ڪٿري طرح ۽ شڪارپور جا ماڻهو ٿورو ٻيءَ طرح لکندا آهن.

گرمکي اکر عيسوي سورهين صدي کان اڳ پنجابي "لنڊا اکر" ڪري آليندا هئا. سنہ ۱۴۶۹ع ۾ گرو نانڪ صاحب اوتار ڌاريو ۽ سندس صاحب ۽ ڀي ڪيتري واڌي ڪئي. گرو نانڪ صاحب انهيءَ ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ۱۵۳۸ع ۾ جوتي جوت سمائي. تنهن کان پوءِ گرو انگد صاحب جن سنہ ۱۵۰۴ع ۾ اوتار ڌاريو هو سي پنهنجي پتشاهيءَ جي گاديءَ تي ويٺا.

هن ڏنو ته گرو صاحبن جي واڻي لکڻ لاءِ لنڊا اکر ڪمائتا نه ٿيندا تنهنڪري هن ديوناگري جي نموني پيا اکر ٺاهيا جي عام طرح گرمکي اکر سڏجن ٿا. اهي اکر گرو جنهجي مکہ مان نڪتا، گرو جنهجي مکہ مان نڪتل واڻي انهن اکرن ۾ لکيل آهي تنهن ڪري اهي ”گُرمکي“ اکر سڏجن ٿا. گرمکي اکرن ۾ ديوناگري واريون سڀ لاڳائون آهن تنهن ڪري هندو سنڌي اکرن کان اهي صد بار چڱا آهن. گرو انگد صاحب انيتاليهن ورهين جي ڄمار ۾ سنه ۱۵۵۲ ۾ جوتي جوت سمان ٿيا تنهن ڪري جنهو ته گرمکي اکر سنه ۱۵۵۲ع کان ٿورو اڳي ٺهيا.

عربي ۽ پارسي اکر — عربن کي اصل پنهنجي آئيويتا ڪانه هئي جنهنڪري آڳاٽن عربن جي احوال ۽ ڳالهين جو ڦهلاءُ پيڙهيءَ ۾ پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ٿيندو هو. آڳاٽن عربن توڙي هندن جو حيرت جهڙو حافظو هو ۽ ٻاڻي ڪنٺ ڪرڻ جو رواج جيڪڏهن اڳي عام نه هجي ها ته اڄ هندن وٽ نڪي مهڀارت، نڪي پراڻ نڪي سمرتيون هجن ها.

عربن پوءِ ارم ملڪ جي ماڻهن جي ٺاهيل الف ب اختيار ڪئي جنهن ۾ هنطرح اکر هئا.

(۱) ا ا (۲) ب و (۳) ج ڄ (۴) د ذ (۵) ه ھ (۶) و (۷) ز ذ (۸) ح ڇ (۹) ط ط (۱۰) ي ير (۱۱) ڪ ڪر

(١٢) ل (١٣) م ۾ (١٤) ن ڻ (١٥) ع ڄ (١٦) ف ڦ (١٧
ص ڇ (١٨) ق ڦ (١٩) ر (٢٠) س ش (٢١) ت ٿ
"انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا" ۾ انهن اکرن جو فوٽو ڏنل آهي ۽ چاڪايل آهي ته سن ١٨٩٠ع ۾ شام ملڪ جي اتر طرف ارم ملڪ وارن جو هڪ جهونو دفتر لڌو جو عيسوي سن کان اٺ سؤ ورهيه اڳ جو آهي ۽ ان ۾ جيڪا الف بي ڪم آيل آهي سا اڳاٽي الف بي جو نمونو آهي. اهڙي طرح سن ١٨٦٨ع ۾ هڪ جهونو پٿر لڌو جنهن تي اهي اڳاٽي زماني جا اکر لکيل آهن جي عيسوي سن کان نو سؤ ورهيه اڳ جا سمجهيا وڃن ٿا.

انهن اکرن مان ڪن جا مٿين بدليل شڪل جي بوءِ پارسين ڪوليا ۽ بوءِ عربن ۽ پارسين اهي آئيويتا ڪم آنديون.

عربن پنهنجي آئيويتا جا اکر جماي اٺاويهه ڪيا ۽ پارسين پ، چ، ژ ۽ گ اهي چار اکر وڌائي ڪل ٻٽيهه اکر ڪيا. عربي ۾ "پ" اکر ڪونهي ته پولاد بدران فولاد، پيل بدران فيل ۽ پيروز بدران فيروز چوندا آهن- عجب جي ڳالهه اها آهي جو انگريزي ۾ به جيڪي لفظ "پ" (P) سان شروع ٿين ٿا سي سڀ لاتين ۽ يوناني ٻولين مان آهن مگر خود انگريزي ٻولي جي بنياد جو هڪڙو به لفظ ڪونهي.

آڳاٽا آريا لوڪ ۽ پارسي، ايراني ۽ يوناني وغيره

ڪنهن سمي گڏ رهندا هئا تنهن ڪري پارسي ۽
سنسڪرت بنياد جا لفظ گهڻا آهن ۽ ويجهن عزيزن لاءِ
ساڳيا لفظ اٿن جهڙوڪ پتر- پدر، پراتر- برادر، دهتر (ڌيءَ)
دختر. عيسوي سن کان پنجه سؤ کن ورهيه اڳي پارسين
جي حڪومت مصر ملڪ ۾ هئي تنهنڪري انهي طرف
جا لفظ به پارسيءَ ۾ گهڻا آهن.

ترڪي ٻولي توراني زبان جي شاخ آهي ۽ عربي
ٻولي شام ملڪ جي ٻوليءَ تان نڪتي آهي. عربن جي
ابن ڏاڏن عبرانين (يهودين)، يونانين ۽ شام ملڪ ۽
انهن پاسن جي ماڻهن سان اٿي ويٺي ڪئي جنهنڪري سڀاويڪ
طرح هو هنن جي ٻولين جا لفظ ڪم آڻڻ لڳا. عربي
لفظ آخر، آدم، رضا، عمل، عام، عمق- عميق، فتح، فراق،
فعل ۽ قيءِ معني الٽي اهي ۽ ٻيا ڪيترا لفظ عبراني ٻوليءَ
مان ورتا اٿن. عربي لفظ عرصو معني مدو يا وقت
تنهنجي اصل عبرانيءَ ۾ معني آهي ٻڪري يا وٿي.
حساب، عيب، طعنو، مبارڪ، قصر معني محلات، فم
معني وات ۽ قرنائي (شرنائي) اهي ڪلداڻي بنياد جا
لفظ آهن. هوا ۽ نازل ارم ملڪ جي ٻوليءَ مان آهن،
نفاق ۽ عافيت (جسم خوش خيرعافيت) اهي شام ملڪ
جي ٻوليءَ جا لفظ آهن. عصيان معني گناهه، عاصي معني
گنهگار ۽ قافلو به ڪلداڻي ۽ شام ملڪ جا لفظ آهن. قانون

شاخون ٿيون (١) ٻنديلي يعني ٻنديل کنڊ جي ٻولي
(٢) برج ڀاشا. مٿرا جي آسپاس ٤٢٠ ميلن جي ڊيگهه ۽ ٣٠
ميلن جي ويڪر ۾ جيڪو وچ وارو علائقو آهي انجو نالو
برج آهي. سري ڪرشن کي برج راج يعني برج جو
راجا سڏيو آهي. برج ڀاشا معنيٰ اها هندي ٻولي جا برج
۾ ڳالهائيندا آهن. (٣) قنوجي يعني قنوج جي ٻولي جا
ڪيتري قدر برج ڀاشا جهڙي آهي (٤) پنجاب واري
دواب ۽ دهليءَ جي هندستاني. پنجاب جو باقي وچوارو
ڀاڱو جيڪو رهيو (يعني لاهور، امرتسر وغيره) اتي وري
پنجابي ٻوليءَ جو واهپو آهي. هنديءَ جون مٿي ڏيکاريل
چار شاخون ۽ پنجابي ٻولي اهي پنجئي سورسيني
پراڪرت تان نڪتيون آهن. مٿرا جي نزديڪ سورسين
نالي ڳوٺ تان اهو نالو پيو اٿس. پورٻي هندي اڙڌم
ڳڌي پراڪرت تان نڪتي آهي.

هندستان تي جڏهن ٻاهرين ماڻهن جون ڪاهون
ٿيون آهن تڏهن اڪثر پهريندي شرط ڪاهه پنجاب تي
ٿي آهي. عربن جون ڪاهون سنڌ ۽ ٻين شهرن تي ٧١٢ع
کان وٺي شروع ٿيون ۽ پوءِ جڏهن مسلماني راڄ ٿيو تڏهن عربي
۽ فارسي لفظن جو واهپو ٿيو. اهي ٻاهرين ٻولين جا لفظ
سنسڪرتي لفظن سان گڏجي اردو ٻولي ڳالهائون، اردو
زبان معنيٰ لشڪر جي ٻولي. اردو معنيٰ لشڪر.

مسلماني حاڪمن جو لشڪر اها گڏيل ٻولي ڳالهائڻ لڳو تنهن ڪري اهو نالو پيس. اها اردو ٻولي مغل حاڪمن جي لشڪر جي مددگارن هندستان ۾ گهڻن هنڌ ڦهلائي؛ ڏکڻ هندستان ۾ دکني ٻولي انهي ڍنگ تي ٿي. اڪبر بادشاهه جي ڏينهن کان وٺي ويندي شاهه جهان جي ڏينهن تائين اردو ٻولي چڱو زور ورتو مگر ڪي اردو ڪتاب ڇپجي پڌرا ڪونه ٿيا. مغل بادشاهه لکپڙهه لاءِ پارسي ٻولي ڪتب آڻيندا هئا؛ هندو ماڻهو جي سنڌين نوڪرين ۾ هئا سي ۾ سنسڪرت؛ هنديءَ جو واهپو گهٽائي پارسيءَ ڏي محاورو ڪرڻ لڳا.

جڏهن يورپ جو گيزن ۽ فرينچن هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون تڏهن ڪتان جا لفظ هندستانيءَ ۾ مروج ٿيڻ لڳا. ڪيرو معني ڪوٺي، مارتول معنائي مترڪو؛ نيلام اهي اصل يورپ جي گيز ٻولين جا لفظ آهن. آني ۾ چار پيسا ٿا اهڪيون ۾ "پيسو" لفظ آيو ڪتان؟ سيپين ٻوليءَ جو لفظ آهي "پيس" معنائي ننڍو سڪو ائين مذڪر جي نشاني "او" وڌي اسان جهڙون پيسو. هندستانيءَ ۾ جون "پيسا" جڪا اڙ هو اسمن جي پڇاڙي "آ" گڏيندا آهن جهڙي ٻچا، پيٽا وغيره. اتي ذڪر واڪد ۾ وڪٽ، ائٽن (اگنب)، ٻڙن (موتب)، نار، آر، وٺي (ويد)؛ ٽڪو (جهڪو) لفظ جي ڪم آڻيندا

اهڙيون سي مدراسي ٻوليءَ جا لفظ آهن. اهڙيطرح ماڻهن
جي آمدرفت ڪري هڪڙيءَ هنڌ جا لفظ ٻئين هنڌ آيا آهن.
هندستان جڏهن انگريزن جي هٿ ۾ آيو تڏهن
ڪن مغربي علم ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي. فورٽ وليم
ڪاليج ڪلڪتا کانپوءِ جلدئي اتي جي ماسترن پارسي
اکرن ۾ هندي اچارن لاءِ نقطا ۽ نشان گڏي هندستاني
آئيويتا نامي پهريون ڪتاب تيار ڪيو. اهو پهريون
ڪتاب خاص هندن لاءِ هو تنهنڪري انهن ۾ سنسڪرت
بنياد جا هندي لفظ وڌائون يعني عربي ۽ پارسي بنياد جا
لفظ ڪتب ڪين آندائون. ڪن ماسترن جو عربي
آئيويتا ڪم آندي تنهنڪري عام خلق هندي ۽
هندستاني لفظن ۾ تفاوت رکيو. هنئر جون تہ هندي ٻوليءَ
اها جنهن ۾ نج سنسڪرت بنياد جا لفظ هجن ۽ جا
ديوناگري اکرن ۾ لکبي. هندستاني ٻولي اها جنهن
۾ اڙدو يعني سنسڪرت ۽ عربي ۽ پارسي لفظ گڏيل هجن
۽ جا عربي آئيويتا ۾ لکيل هجي. حقيقت ڪري اڙدو
آهي پارسي آميز هندستاني ۽ هندي آهي نج
سنسڪرت لفظن واري هندستاني ٻوءِ اکر ديوناگري هجن يا
ڪيٿا ۾ هجن. هندستاني آئيويتا اڻويهين صديءَ جي شروع ۾
نڪتي. فورٽ وليم ڪاليج جي ماسترن انهي آئيويتا
ناهڻ ۾ بيشڪ گهڻي محنت ڪئي آهي ۽ سندن ڪم
تحسين جوڳو آهي.

# باب ٻيو

## عربي سنڌي اکرن جو تواريخي احوال

سنڌ ملڪ مسلمانن حاڪمن جي هٿ هيٺ اٽڪل هڪ هزار ورهيه رهيو. انهي عرصي ۾ عربي ۽ فارسي ۽ ترڪي ٻولين جا لفظ سنڌي ۾ گهڻيئي داخل ٿيندا ويا مگر ٻولي جو واڌارو جو ٿيڻ گهرجي سو گهڻو ڪو نه ٿيو ۽ اڄ ۾ سنڌي ٻولي پنهنجين ڀينرن گجراتي، مرهٽي ۽ ٻين کان گهڻو پٺتي پيل آهي. مسلمان حاڪم فارسي گو هئا ۽ فارسي شعر جو ڪين گهڻو شوق هو. سنڌ ۾ ٺٽو ۽ روهڙي اهي ٻه شهر علم جو گهر هئا ۽ اتي جا سيد عمدا شعر ٺاهيندا هئا. هنن کي همٿائڻ لاءِ حاڪمن کين لوازما پئي ڏنا جنهن ڪري هو هيڪاري پنهنجو سڄو ڪوشش فارسي علم پڙهڻ ڏانهن لڳا.

سنڌ ۾ پهريون سنڌي شاعر قاضي قاضن ٺٽي وارو هو جنهن کي پنهنجي شعرن ٺاهڻ ڪري دربار مان چڱو انعام مليو هو. هن مان ثابت آهي ته مسلمان حاڪمن کي سنڌي شعر جو به قدر هو. قاضي قاضن کان اڳي ڪو هندو يا مسلمان شاعر ٿي گذريو آهي ته انهيءَ جو ڪو ناءُ نشان نٿو ملي سگهي باقي هن کان پوءِ ڏاڪارو شاهه ڪريم بلڙي وارو ٿيو جو سچو درويش هو ۽ پنهنجي خوشيءَ لاءِ ئي شعر ڪونه ٺاهيندو هو. شاهه ڪريم جي اولاد مان شاهه عبداللطيف

پيدا ٿيو جنهن جو من موهيندڙ رسالو اڄ تائين سڀڪو چاهه سان پڙهي ٿو. شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ ٻيو سچو ڄاڻو سچل فقير درازن وارو جنهن جو ڪلام پڻ مٺو ۽ سناجهيندڙ آهي- اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا مسلمان درويش پنهنجو ڪلام ڇڏي ويا آهن ۽ انهن سڀني کي انعام جي ڪا لالچ ڪانه هئي. هندن ۾ سوامي ميگهراج جي جيڪي ٻائي ڇپرائي شڪارپور ۾ ”سامي جا سلوڪ“ نالي جي پڻ هندو چاهه سان پڙهن ٿا.

ميرن جي صاحبي ۾ سرڪاري دفتر فارسي زبان ۾ لکيا هئا. آخوندن ۽ ملن جا پنهنجا سڱ کن خانگي مڪتب هئا جن ۾ ماڻهو فارسي پڙهندا هئا. هندو ڪامورا پنهنجا خانگي خط پٽ فارسي ۾ لکندا هئا؛ واپاري ماڻهو جدا جدا هندن ۾ جدا جدا هندو سنڌي آئيويڻائون ڪم آڻيندا هئا. برهمڻ ۽ ٻيون ڏرمي ذاتيون ديوناگري ۽ گرمکي اکر لکندا هئا. سامي جا سلوڪ اصل گرمکي ۾ لکيل هئا ۽ شاهه جو رسالو ۽ ٻيا رسالا فارسي اکرن جي نموني سنڌي زبان ۾ لکيل هئا.

سن ١٨٤٣ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي تڏهن هنن لٽي ۽ روهڙي جي سيدن جا لوازما بند ڪيا جنهن ڪري فارسي ٻولي جو واڌارو ٿيڻ بند ٿي ويو. سرڪاري اڪثر لاءِ انگريزي خواندن جي گهرج ٿي ۽ جيستائين

سڪول کان ۽ ماڻهو انگريزي سکن تيستائين مفت سندو دفتر پارسيءَ ۾ ئي رکيو ۽ انگريزي عملدارن پادرن ترجمان گهرائي انهن جي مدد سان ڪم پئي ٽپايو.

سن ١٨٤٥ع ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ڪئپٽن راٿبورن هو جنهن انگريزي سڪولن کولڻ لاءِ سرڪار کان ٽي هزار رپيا ساليانو گرانٽ گهري مگر لائق ماسٽر ڪونه ملي سگهيو تنهن ڪري ڳالهه اتيئي رهجي ويئي. انهن ڏينهن ۾ ڪراچي جو ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊي هو جنهن جي نالي پٺيان ڪراچي ۾ پريڊي روڊ آهي. هن صاحب ڪيترو خرچ پنهنجي گنڍ مان ڪري ڪراچي ۾ هڪ سڪول کوليو جنهن ۾ عيسائي مذهب جي تعليم مفت ڏيڻ ۾ ايندي هئي. سن ١٨٤٦ع کان وٺي ١٨٥٢ع تائين اهو سڪول هڪ لوڪل ڪاميٽي جي هٿ ۾ هو ۽ پوءِ سن ١٨٥٣ع ۾ اهو سڪول چرچ مشن سوسائٽي جي حوالي ٿيو. شڪارپور ۾ وري ڪئپٽن گولڊ سمڊ*

* هن سڀني پنهنجن جا بيت گڏ ڪري ڇپايا ۽ پوءِ وري پيو سڀني پنهنجن جو ڪتاب ڇپايائين جنهن جي هڪڙي پاسي سنڌي بيت آهن ۽ ٻئي پاسي سنڌي بيتن جو انگريزي نظم ۾ ترجمو آهي جو نهايت سهڻو آهي.

انهي ڪوشش سان انگريزي اسڪول کليو. آخر بمبئي جي تعليمي بورڊ سنڌ ۾ تعليم جي سرشتي ڏانهن جو ڪم پاڻ تي کنيئون ۽ ساڳي وقت ادا ۾ لکپڙهه جاري ته آئينده هر سرڪاري آفيسن ۾ سنڌيءَ ۾ لکپڙهه ٿئي. سر بارٽل فريئر جنهن جي نالي فريئر هال آهي سو سنه ١٨٥٠ع ۾ سنڌ جو چيف ڪمشنر مقرر ٿيو هو.* سنه ١٨٥١ع ۾ هن صاحب اهو اشتهار جاري ڪيو ته سڀ يوروپي ۽ ٻيا غير ديسي ڪامورا سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن. اهڙيطرح ٽي ڳالهيون اچي گڏ ٿيون (١) ته اسڪول کلن (٢) ته سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي (٣) ته غير ديسي ڪامورا سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن. اهي ٽيئي مرادون تڏهن حاصل ٿين جڏهن الف بي ٺهي. ڪئپٽن برٽن جو پوءِ سر جي خطاب ملڻ ڪري سر رچرڊ برٽن سڏجڻ لڳو تنهنڪري سنسڪرت جو مهاورو ڄاڻو هو ۽ سنڌ ۾ رهي سنڌي ٻولي ۾ چڱيطرح سکي ويو هو. هن صاحب رٿ وڏي ته عربي اکرن تان عربي سنڌي آئيو يتا ڏاڍي ادا ڪم آڻجي. انوقت ۾ ڪئپٽن جارج سٽئڪ ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو. هو صاحب سنسڪرت ۾ قابل

*سنه ١٨٦٢ع ۾ فريئر صاحب بمبئي جو گورنر ٿيو ۽ ٢٩ مي ١٨٨٤ع ۾ هن جو قضيو ويهاڻن ۾ سخت ٿڌ سبب ٿيو. هن جو بتاو ٽيمس نديءَ جي بند تي بيٺل آهي.

هو ۽ سنڌ ۾ رهي ٿوري وقت ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو
اڀياس ڪيائين جو جلد ئي هڪ سنڌي وياڪرڻ ٺاهيائين
جنهن جي ديباچي تي لکيل تاريخ ١ مارچ ١٨٤٧ع آهي
مگر اهو وياڪرڻ سن ١٨٤٩ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. اهو ئي
پهريون انگريز هو جنهن وياڪرڻ به ٺاهيو ۽ سنڌي ڊڪشنري
به ٺاهي جنهن ۾ ديوناگري اکر ڪتب آندا اٿس. هن
قابل صاحب سر رچرڊ برٽن جي راءِ تي اعتراض اٿاري
چيو ته عربي سنڌي اکرن ٺاهڻ بدران هندو سنڌي اکرن
۾ لکڻائون وجهي انهن کي سنڌ جي ماڻهين ديوناگري
اکر ڪم آڻڻ گهرجن. سنڌ گزيٽيئر ۾ لکيل آهي ته سر رچرڊ
هڪڙيءَ ڳالهه تي ۽ ڪئپٽن سٽئڪ ٻيءَ ڳالهه تي بيٺو
۽ سر بارٽل فريئر وڏي ويچار ۾ پئجي ويو جو
جيڪڏهن عربي سنڌي اکر ٺاهجن ته هندو ڏا
دل ۾ ڪن ۽ جي ديوناگري يا هندو سنڌي
اکر ڪم آڻجن ته مسلمانن کي اها ڳالهه نه ٿي آئڙي ماڻ
ڪاهجي سو ڪاهجي ڪٿي؟ آخر ١٨٥٣ع ۾ ايسٽ انڊيا
ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ اهو فيصلو ڪيو
ته عربي سنڌي آئيويتا ٺاهجي ۽ تعليم لاءِ ڏهه هزار رپيا به
منظور ڪيائون. مسٽر ايلس جو پوءِ "سر" جي
خطاب ماڻي ڪري سر هنري ايلس سڏجڻ لڳو تنهن پوءِ
ڪن سنڌي ماڻهن جي مدد سان عربيءَ جا ٢٨ اکر وڌائي

سنڌيءَ ۾ اهي اکر ڪيا ۽ اهي نئين آئيو ٿيا جو ۱۸۵۳ع
۾ ڇپجي پڌري ٿي. پوءِ ته سگهوئي پارسي، اردو،
مرهٽي ۽ گجراتي ڪتابن مان ترجما ڪري سن ۱۸۵۴ع ۾
۾ تواريخ، جاگرافي ۽ ليکي جي هيڙه سوڏا ڪل ڏهه
ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائون. آڪٽوبر ۱۸۵۴ع ۾
ڪراچيءَ ۾ نارمل سڪول کليو جو پوءِ ڦيرائي حيدرآباد ۾
ڪيائون. ٻئي سال يعني آڪٽوبر ۱۸۵۵ع ۾ ڪراچيءَ
۾ انگريزي سڪول کليو. اهڙيءَ طرح الف بي ٺهڻ کان
ڏهه سال پوءِ يعني ۱۸۵۳ع کان ۱۸۶۳-۶۴ع تائين چار هائي سڪول،
ٽي مڊل سڪول ۽ چاونجاهه پرائمري سڪول ٿيا جن
کي پوءِ ايڇ. بي. جيڪب صاحب سنڌ جي ايجوڪيشنل
انسپيڪٽر چڱو زور ڏئي وڌايو ۽ هن صاحب جي اڄ تائين
ساک آهي.

ڪپتان سٽيڪ کانپوءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ
سنڌ سان ڀاڻ چڱو ڀلايو جو هن صاحب ڏک دستخط شاهه
جو رسالو هٿ ڪري جرمنيءَ جي ليپزگ شهر ۾ سال ۱۸۶۶ع
۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن صاحب پوءِ ڏک وڏو سنڌي
وياڪرڻ به لکيو جو سن ۱۸۷۲ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.
انهيءَ وياڪرڻ مان ظاهر آهي ته هن صاحب ڏاڍي پوليين
خاص ڪري سنڌي ۽ سنسڪرت جو چڱو ابياس ڪيو هو.

# باب ڏهون

## آئيوٽيا جي بناوت

جولاءِ ۱۸۵۳ع ۾ جيڪا عربي سنڌي آئيوٽا ٺهي سا اها هئي جنهن ۾ ٽرمپ صاحب وارو توڙي بمبئي ڇاپي وارو شاهه جو رسالو لکيل آهي. انهن رسالن توڙي ٻيون گل جي ٻين ڇاپي ۾ ان ڏسڻ ۾ ايندو ته "ٽ" اکر لکيو هوندو هون ته هندستاني نموني پٽاندر "ٽ" لکندا هئا؛ جيڪڏهن "ٿ" اکر لکيو هوندو هون ته "ٺ" لکندا هئا. ساڳيءَ طرح "ڏ" بدران "ڌ" لکندا هئا. "ط" بدران "ن" اکر جي مٿان ٻه نقطو ڏيئي "ڻ" لکندا هئا؛ "ڏ" بدران "ڊ" اکندا هئا وغيره.

جڏهن يوروپي عملدار الف بي سکڻ لڳا تڏهن هن ڏٺو ته اهي اکر ڪنهن به ترتيب تي بيٺل نه آهن؛ نڪو منجهه ائين ڏٺو آهن. ٽرمپ صاحب جي وياڪرڻ مان معلوم ٿو ٿئي ته آئيوٽيا کي سڌارڻ لاءِ سرڪار پوءِ ڪي بمبئي جو سوالين گهرايو. هن صاحب جو نالو ڇاپيل ڪونهي مگر ڏسجي ٿو ته الف بي کي يوروپ طرح سڌارڻ نه آيو اتس ڇو ته ٽرمپ صاحب ته ائين ٿو لکي ته جو هي ته انهي ڪري هندستاني آئيوٽا ڪم آڻجي ته اهو ٺهراءِ ٿي. ڇا ٿو ڪي آئيوٽيا ۾ جيڪي خاميون آهن تن جو پورو ذڪر ٽرمپ صاحب پنهنجي وياڪرڻ ۾

ڪيو آهي. حقيقتون جيڪڏهن الف بي جي سمورين
خامين جو ويهي بيان ڪجي ته هڪ ننڍو ڪتاب ٿهي
پوي تنهنڪري هت رڳو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو.

لپي (آئيوينا) ناهڻ لاءِ پهرين ۽ مکيه ڳالهه هيءَ آهي
ته اکرن کي درجي وار بيهارجي. هاڻوڪي آئيوينا مان
ظاهر آهي ته جنهن صاحب الف بي ناهي آهي تنهن کي دل
۾ نه ته اکرن کي درجي وار بيهارجي. اها ڳالهه هن مان
ثابت آهي ته ب، ڀ ۽ پ اکر گڏ آندا اٿس، ت جي پٺيان
ٿ اکر آندو اٿس. ساڳي طرح ڄ، ج، جهه، ڃ، چ ۽ ڇ
جو اُچار تارونءَ مان ڪجي ٿو تنهن ڪري اهي سڀ اکر
گڏ آندا اٿس. اهو نمونو جي ساريءَ ونڊ ۾ هلي ها ته اسان
جي آئيوينا نهايت سهڻي ٿئي ها. مگر ڏسجي ٿو ته هي
صاحب عربي آئيوينا کي آدرش سمجهي ان پٺيان هليو
آهي ۽ نتيجو اهو ٿيو آهي جو سهڻي هندي اکر درجي وار
بيهارڻ کان سگهيو آهي. عربي آئيوينا ۾ س، ش،
ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ۽ ڪ اکر هڪ ٻئي
پٺيان اچن ٿا ته هن صاحب سنڌي ۾ به ائين اکر بيهاريا
آهن جنهن ڪري اکر درجي وار نه بيٺا آهن. ڪن هنڌ
ڏسجي ٿو ته هي صاحب عربي، پارسي ۽ ديوناگري آئيوينا
کي جوڙي وجهي هندستاني آئيوينا ٺاهيو آهي. مثلا
عربي ۾ ا، ب، ت، ث ۽ ٻوءِ ج آهي. هن صاحب ت

ان ٻ ، ٿ ، ٽ ، ٺ ، ث ، ڀ ، پ ۽ ڦ اهي اکر آندا آهن
سو هندستاني آئيويتا جو نمونو آهي. اهڙي طرح ڏسڻ ۾
اچي ٿو ته هن صاحب هڪ نمونو سانڍڻ نہ هلايو آهي ۽
ٻيو ڪري عربي آئيويتا تي هليو آهي / ڪن هنڌ ته
رهي ڏوني تي اڙو محڪم رهيو آهي جو اکرن جي
ترجمي جو ڪو سانگو ڪونہ ڪيو اٿس. مثلا عربي ۾ ٻ
ڪرڪونهي تنهن ڪري عرب ٻ بدران ف ڪم آڻيندا
آهن جهڙوڪ پولاد بدران فولاد چوندا آهن. هن صاحب
کي "ٻ" اکر وسرڳ ڪرڻو ٿو يعني "ڦ" جو اچار منجهس
ملائڻو ٿو ته جا ڪيو اٿس جو "ف" اکر تي نقطا ٻيا ٻہ
ڏيئي "ڦ" اکر ٺاهيو اٿس. جڏهن ته اسين ۽ عرب آهيون ۽
ٻ جو اچار ڪونہ ايندو اٿون!! جنهن صورت ۾ ٻ ۽
ھ جو گڏيل اچار ڦ آهي تنهن صورت ۾ هندستاني ۾ اهو
مثال جو ڪم ڪندا آهن جو ٻ - ھ گڏ لکندا آهن. مثلا
ڦل ڦول لکڻو هوندو ته پهل پهول لکندا آهن. هن
صاحب کي اهو نمونو وٺڻ کپندو هو يعني جنهن ج ۽ ھ اکر
گڏ جي "جهہ" اکر ٺاهيو اٿس ۽ گ ۽ ھ گڏ جي "گهہ"
اکر ٺاهيو اٿس تنهن ٻ ۽ ھ اکر گڏ جي "ٻهہ" ڪرڻا کپندو
هو سو هن صاحب جو وڃائي ڦ اکر ٺاهيو آهي سو هاڻائين
سو ڳالهہ جيڏي ته بنيادي اکر ف آهي جنهن کي وسرڳ
ڪيو اٿس!

عربيءَ ۾ دستور آهي ته ڪو به اکر سڄي ڄڻون سڌو لکڻ بدران جيڪڏهن ڏنگو لکيو آهي ته اهو وسرڳ سمجهيو آهي يعني ه جو اچار منجهس سمايل ڄاڻبو آهي مثلاً "مالڪه" لفظ جو اچار "مالڪهه" آهي ۽ "توبه" جو اچار "توبهه" آهي. هن صاحب اهو عربي نمونو اختيار ڪري عربي اکر ڪ ڏنگو ڪري ڪ اکر ڏيکاريو آهي ته ماڻهو سمجهن ته ان ۾ ه جو اچار سمايل آهي !!

عربي وٽ وسرڳ اکر ڪينهن ۽ جنهن صورت ۾ اسان وٽ آهن تنهن صورت ۾ هندستاني ۾ مثال جو ڪم ڪندا آهن جو ڪ ۽ ه اکر گڏ ڪم آڻيندا آهن. هندستاني ۾ ڪيترا معنائي ڪاڻ ۽ ڪيترا سي معنائي ڪنگهه. اهڙيءَ طرح ڪ سان گڏ "ه" اکر لکندا آهن ۽ ننڍڙا ائين گهرجي، ورتي ج ۽ گ ــــ اکرن ۾ هڪ ۾ نقطو وڌيڪ وجهي ج ۽ گ ــــ اکر ٺاهيا اٿس جڏهن ته بنيادي اکر ج ۽ گ ــــ آهن. حقيقت ڪري انهن ٻنهين اکرن ۾ مکيه اچار "ن" جو آهي ۽ اهو بنيادي اکر ضرور ڄاڻائڻ گهرجندو هوس. مطلب ته هن سڌريل زماني ۾ هاڻوڪي اڍنگي طرح نئيل الف بي اسان جي منهن تي نٿي ٺهي. آئيوينتا ڪي ڍنگر سان بيهارڻ جو نمونو هن ڪتاب جي پنيان ڏنو ويو آهي.

پورو ٿيو

اشارو (١) "س" ۽ "ش" ساڳيا اکر آهن ۽ انهن جو اچار ڏندن مان سيٽ واڳر ڪيو آهي تنهنڪري اهي ڏندائيا ليکجن ٿا. اشارو (٢) "ه" نرم اکر آهي ۽ انجو اچار ڪنٺ مان لنبي يا ٻيريل ساهه سان ڪيو آهي. تنهنڪري اهو اکر وسرڳ (Aspirant) سڏبو آهي. وِ معنى پورو ۽ سرگ معنى اچار. انهي اچار ڪرڻ مهل وات مان جو ساهه اچانڪ پوي ٿي تنهنڪري اهو نالو پيو اٿس. جو [illegible] خاني ۾ جيڪي اکر ڏنگين لڪيرن ۾ رکيل آهن سي "ڻ" کانسواءِ ٻيا سڀئي اکر آهن ۽ جيڪي اکر ليڪن کان ٻاهر رکيا ويا آهن (ک، ڄ وغيره) تن کي جيڪڏهن وسرڳ ڪجو يعني ملائجن "ه" جو اچار ملائبو آهي ته ملائجن خاني وارا اکر ٺهي پوندا (٣) هن نموني اکرن ٻيهارڻ مان هڪ فائدو آهي ته سکڻ جو جنهن سمجهي سگهندو ته هر هڪ سٽ ۾ ڏيکاريل اکر اکرن خاني ٿاءِ) ٻاهر ملائجي سگهندا آهن. مثلاً "ڪ" اکر ملائجي "ک" ٿي سگهي ٿو جيئن ڪلا - کلا، سنسڪرت لفظ ڪمل سنڌي ۾ جيئن ڪيل (ڪيلڙ)، "ڳ" ملائجي "گهه" ٿي سگهي ٿو جيئن انگور - انگور معنيٰ ساو يا اوڙ جو آهي "انگور" ساڳي سپيرين جا"، "ڳ" ملائجي "گهه" ٿي سگهي ٿو جيئن ڳٽ ڳچي - ڳٽ ڳچي ۽ "گهه" ٿي سگهي ٿو جيئن شڪتي - سگهتي، ٻو ڏانهن

عربي اکرن ۾ "ق" مٿان جي "ڪ" تي سگهي ٿو جيئن چقاچاق چڪا چاڪ معني ٽڪا ٽوڪي. ق مٿان جي خ تي سگهي ٿو جيئن جقماق (چقمق) - چاخماخ. ق مٿان جي غ تي سگهي ٿو جيئن قاآغا. ق مٿان جي ھ تي سگهي ٿو جيئن فستق - پستھ (پستو - سڪل ميوو). ٻين حالتن ۾ ف ۽ ب ۾ پاڻ ۾ مٽبيا آهن جو هنڌين جو اچار جيئن مان ٿئي ٿو. اهڙيطرح ٽارون وارا پاڻ ۾ جيپ ۽ ڏندن وارا اکر پاڻ ۾ مٽبا آهن. (۴) تين ۽ پنجين خاني وارا وسرگ اکر پاڻ ۾ مٽبا آهن جيئن ڪنٺي - ڪنڊي. پنڌ - پنڌ (۵) زبان جي نرم هجڻ ڪري ڌ رجي جو اکر ڏ رجي جي اکر سان گهڻو ڪري مٽبو جيئن لچڪ مان، پڪو ۽ تسرط مان تڪو، رسط مان رڌو. (۶) انين خاني ۾ ا جو وڏيل اچار آ آهي اُ جو وڏيل اچار اؤ آهي ٻاهي حرفن سڀ پاڻ ۾ مٽبا آهن چاڪاڻ ته اهي بلڪل نرم اکر آهن.

هيرو مل مهرچند




آوتراءِ پرسرام گلراجاڻيءَ "ڀارتواسي پريس" حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ مسٽر هيرو مل مهرچند ڇپائي پڌرو ڪيو.

آباد شہر آصفجاہی مغل

نواب علی بخش کی بیٹی

ڈاکٹر ملا یاسین ملوی

بدرالدین ملوی

اسد اللہ ملوی

DR. GHULAM ALI ALLANA
DONATED BY